**April 15, 2013-04-15**

**Article of PDM- VAW watch group member & Sr. Journalist Mr. Ajiz Jamali in counter of Arbab Rahim**

# Arbab Raheem

عاجز جمالي



خبر آهي ته سعودي سرڪار نيٽ فيس بوڪ سميت سوشل ميڊيا تي به پابندي هڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. چار چار شاديون ڪندڙ عرب سڳورا اهڙو فيصلو ان لاءِ ڪرڻ تي مجبور ٿيا جو سندن مُلڪ جا 60 لک ماڻهو سوشل ميڊيا استعمال ڪن ٿا، جن ۾ گهڻائي عرب نياڻين جي آهي، حاڪم سڳورن جو خيال آهي ته سوشل ميڊيا تي عورتن جي آزاديءَ جي حق ۾ ۽ بادشاهت خلاف تمام گهڻو بحث ٿي رهيو آهي. هي اُهي عرب حاڪم آهن، جن جي گهرن ۾ برطانيه، آمريڪا، فرانس ۽ ٻين انگريز مُلڪن جون مايون راڻيون بڻيل آهن. پر هُو پنهنجي مُلڪ ۾ عورتن کي آزادي ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. مون اخبارن ۾ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم جو به لڳ ڀڳ اهڙو ئي بيان پڙهيو آهي. اخباري اطلاعن موجب موصوف جو چوڻ هو ته عورتن کي ٻاهر نه نڪرڻ گهرجي، گهرن ۾ ئي رهڻ گهرجي، عورت گهر کان ٻاهر نڪري ٿي ته معاشري ۾ بگاڙ اچي ٿو. اخبار موجب ميرپورخاص ۾ ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ارباب غلام رحيم چيو ته هو عورت جي حڪمرانيءَ جي حق ۾ ناهي، عورت کي گهر ۾ ويهڻ گهرجي، جن معاشرن ۾ عورتن کي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، اتي ناجائز ٻار پيدا ٿيندا آهن.

ارباب غلام رحيم مُلڪ ڇڏي پنج سال عرب ملڪن ۾ رهيو. سندس خيالن ۽ سعودي عرب جي بادشاهن جي خيالن ۾ ڪو گهڻو فرق ڪونهي، پر ارباب رحيم جي نظر مان شايد اها رپورٽ ڪانه گذري هوندي، جنهن مطابق ”عرب ملڪن ۾ ناجائز ٻار پيدا ٿيڻ ۽ عورتن جا ٻار ڪيرائڻ وارن آپريشنن جي شرح ۾ تمام گهڻو واڌارو اچي ويو آهي“. هي هڪ الڳ بحث آهي ته معاشري ۾ بگاڙ جا ٻيا ڪهڙا ڪارڻ آهن، رڳو عورتن جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ ان جو ڪارڻ ناهي، اليڪشن جو زمانو آهي، سياستدانن جي باري ۾ لکبو ته ڪيترائي الزام ايندا، پر ارباب غلام رحيم پيپلز پارٽيءَ

۾ رهي چڪو آهي، عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي وزارت عظميٰ ۾ پارلياماني سيڪريٽري رهي چُڪو آهي. ممڪن آهي ته ٿر جي مخصوص حالتن ۾ غريب عورتن جو ٻاهر نڪرڻ مشڪل هُجي، پر اليڪشن واري ڏينهن ان ساڳئي غريب علائقن مان عورتن کي بسن، ٽرڪن، ٽرالين ۾ ويهاري پولنگ اسٽيشنن تائين پهچايو ويندو آهي. مسلمان ته ڇا غير مسلم عورتن کي به ميڙمنٽ ڪري گهرن کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، ڇو ته اسان سعودي عرب ۾ ڪونه ٿا رهون، هتي بادشاهت ناهي، پر هڪ جمهوري پارلياماني نظام آهي، ان ۾ عورتن کي قانوني طور ايترائي حق مليل آهن جيترا حق مرد کي مليل آهن. اهو تلخ سچ آهي، ٿر ۾ ڪنهن به حڪومت عورتن کي حق نه ڏنا آهن. ارباب غلام رحيم جي حڪمراني هُجي يا قائم علي شاهه جي، ٿر جي مسڪين عورت لاءِ حال ساڳيو رهيو، اڃا به تبديليءَ جا ڪي به آثار نظر ڪونه ٿا اچن. ارباب غلام رحيم کان سوال ڪجي ته هُن پنج سال جنهن معاشري ۾ گذرايا اتي جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ڇا ٿيندو هو ۽ اوهان به اهڙين دعوتن ۾ ضرور شرڪت ڪئي هوندي. سنڌ ۾ اوهان جي وڏ وزارت دوران به اهڙيون دعوتون ٿينديون هيون، جن ۾ ناچ گانو، ڳاڙهيون بوتلون، سڀ ڪجهه هوندو هو. تڏهوڪي وزيراعظم شوڪت عزيز (جنهن کي ٿرپارڪر مان ارباب غلام رحيم کي چونڊرايو هو) ۽ تڏهوڪو صدر پرويز مشرف به شريڪ ٿيندا هئا. ڇا عورت صرف انٽرٽيمنٽ اٿوريج لاءِ ٺيڪ آهي، باقي زندگي جي سرگرمين لاءِ ان کي ٻاهر نه نڪرڻ گهرجي. مطلب ته سياست ۾ جڏهن عورت کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت پوي ته سڀ ٺيڪ آهي، موصوف جنهن پارٽيءَ جو مرڪزي صدر هو، ان ۾ ڪشمالا طارق کان وٺي ڪيتريون ئي ڪشمالائون آهن، ان بابت هُن ڪڏهن به ڪونه ڳالهايو آهي. مان هميشه چوندو آهيان ته مُلڪ ڇڏي ويندڙ سياستدانن کي مُلڪ ۾ اچي ٻيهر اوترو وقت سياست نه ڪرڻ گهرجي جيترو وقت هُو ملڪ کان ٻاهر رهيو. جنرل مشرف ۽ ارباب غلام رحيم کي پنج سال سياست ڪرڻ بدران هن ملڪ ۾ ويهي ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ گهرجي. هنن پنهي بابت ذهنن ۾ اهو سوال به موجود آهي ته ڇا ايندڙ عام چونڊن کانپوءِ جيڪڏهن هُو سرڪار ۾ نه هوندا ته ملڪ ۾ ئي رهندا يا مُلڪ کان ٻاهر هليا ويندا؟ ڇو ته سندن ڪٽنب مُلڪ کان ٻاهر مستقل بنيادن تي رهيل آهن. جيڪڏهن ٻٽي شهريت جي بنياد تي ڪنهن کي نااهل قرار ڏجي ٿو ته ان جو ڪارڻ اِهو ئي ته آهي جو هُو پاڪستان کان ٻاهر رهي ٿو، هي سياستدان جيڪي پنج پنج ڏهه ڏهه سال ٻاهر رهن ٿا، انهن لاءِ اهڙو قانون ڇو ناهي. ساڳي ريت اليڪشن ڪميشن جي جوڙيل ضابطي مطابق جيڪڏهن مُلڪ ۾ ڪوبه اميدوار عورتن کي ووٽ جي حق کان روڪي ٿو يا اليڪشن ۾ شامل ٿيڻ کان روڪي ٿو ته اُهو اميدوار نااهل ٿي سگهي ٿو، جڏهن سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير ارباب غلام رحيم اِهو ٿو فرمائي ته عورتن کي گهرن کان ٻاهر ئي نه نڪرڻ گهرجي ته سندس اها ڳالهه عورتن کي ووٽ کان روڪڻ برابر آهي. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سندس اهڙي عمل تي ڪارروائي به ڪري سگهن ٿيون، جيڪو ارباب غلام رحيم لاءِ ڏکيو هوندو، جيتوڻيڪ اسان پنهنجي ڪنن سان سندس اُهي لفظ ڪونه ٻڌا ۽ نه سندس

تقرير ڀڏي، هي سڄي ڳالهه ميڊيا رپورٽن جي بنياد تي هلي رهي آهي، پر ميڊيا يا اخبارن ۾ اڄڪلهه ارباب غلام رحيم لاءِ اهي صلاحون به اچي رهيون آهن ته موصوف کي پنهنجي زبان تي ڪنٽرول رکڻ گهرجي، ساڻس اڳي به جيڪو ڪجهه ٿيو اُهو زبان سبب ٿيو. مرحوم جلال چانڊئي جي آواز ۾ ڀڄل هڪ ڪلام جون سٽون ياد پيون اچن.

”زبان ۾ شيرين ته مُلڪ به ڪشميري

زبان ۾ ڪنڊا ته مُلڪ به لٽيون ۽ ڏنڊا.“

پيپلز پارٽيءَ جي سياسي مصلحت پنهنجي جڳهه تي، خورشيد شاهه جي ارباب غلام رحيم وٽ آمد ان سياسي مصلحت جو مظهر به ٿي سگهي ٿو، پر عوام جي راءِ بي رحم آهي، عوام جو ووٽ تلوار کان ۽ درياهه جي وهڪري کان به تيز هوندو آهي، سياستدان کان وڏيڪ اهو ڪير ٿو ڄاڻي.

**ٻٽي شهريت جي بنياد تي ڪنهن کي نااهل قرار ڏجي ٿو ته ان جو ڪارڻ اِهو ئي ته آهي جو هُو پاڪستان کان ٻاهر رهي ٿو، هي سياستدان جيڪي پنج پنج ڏهه ڏهه سال ٻاهر رهن ٿا، انهن لاءِ اهڙو قانون ڇو ناهي. ساڳي ريت اليڪشن ڪميشن جي جوڙيل ضابطي مطابق جيڪڏهن مُلڪ ۾ ڪو به اميدوار عورتن کي ووٽ جي حق کان روڪي ٿو يا اليڪشن ۾ شامل ٿيڻ کان روڪي ٿو ته اُهو اميدوار نااهل ٿي سگهي ٿو، جڏهن سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير ارباب غلام رحيم اِهو ٿو فرمائي ته عورتن کي گهرن کان ٻاهر ئي نه نڪرڻ گهرجي ته سنڌس اها ڳالهه عورتن کي ووٽ کان روڪڻ برابر آهي. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سنڌس اهڙي عمل تي ڪارروائي به ڪري سگهن ٿيون، جيڪو ارباب غلام رحيم لاءِ ڏکيو هوندو.**